حصو ـ ب (مختصر جواب جا سوال)

نوٽ: هيٺين سوالن مان ڪن به 9 سوالن جا جواب ڏيو. هر سوال تي 04 مارڪون رکيل آهن.

سوال 2 اسلام انسانيت بابت اسان کي ڇا ٿو سيکاري؟

سوال 3 اعليٰ اخلاقي قدرن جو وچايل ماڳ ڪيئن ٿو ماڻي سگهجي؟

سوال 4 توحيد جو نظريو ڇا تي زور ٿو ڏئي؟

سوال 5 هيٺين لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻيو.

ارتقا　　تڪبر　　سکيا　　آجيان

سوال 6 ڪيترا ملڪ اسلامي سيڪريٽريٽ جا ميمبر آهن؟ ڪن به ٽن جا نالا لکو.

سوال 7 سنڌي ۾ قرآن شريف جو ترجمو ڪهڙي دؤر ۾ ٿيو؟

سوال 8 ڦاري ڪنهن رسالي ۾ ڪهڙي چوٽي پڙهي هئي؟

سوال 9 هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکو.

ٿورا ميڙ دل بهلائڻ　　پلر پيئڻ　　منڊلي مچائڻ

سوال 10 ترت علاج لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون ڌيان ۾ رکڻ گهرجن؟

سوال 11 "هوندي سوندي" ٻتا لفظ آهن، توهين اهڙا ٻيا چار لفظ لکو.

سوال 12 شاهه پنائي اتحاد لاءِ ڪهڙو مثال ڏنو آهي؟

سوال 13 هيٺين لفظن جا ضد لکو.

حرام　　پرڏيهي　　نياءُ　　امير

حصو ـ ج (تفصيلي جواب جا سوال)

نوٽ: هيٺين سوالن مان ڪن به 3 سوالن جا جواب ڏيو. هر سوال تي 08 مارڪون رکيل آهن.

سوال 14 هيٺين مان ڪنهن به هڪ سبق جو خلاصو لکو.

قومي اتحاد　　حضرت امام حسين

سوال 15 هيٺين مان ڪنهن به هڪ شعر جي سمجهاڻي لکو.

(الف) اکر پڙهه الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار
اندر تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا

(ب) سچائيءَ جو جيڪو طلبگار ٿيندو
اهو باغ جنت جو حقدار ٿيندو

سوال 16 پنهنجي دوست ساهيڙي کي خط لکي ڀيڻ جي شاديءَ جي دعوت ڏيو.

سوال 17 حڏهن انسان الله تعاليٰ جو حڪم نه مڃي ڏنو، تڏهن ڪهڙو نتيجو نڪتو؟

سوال 18 هيٺين مان ڪنهن به هڪ شاعر جي زندگيءَ جو احوال لکو.

حاجي احمد ملاح　　سچل سرمست　　مير عبدالحسين سانگي